
مان پيي اُتي هُئس
غزلَ
ڊاڪٽر ونود آسوُداڻي

# مان پي اُتي هئس

## (غزل)

ڊاڪٽر ونود آسودائي

**ڊجيٽل ايڊيشن:**

2017ع

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”مان پي اُتي هئس“** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب هند جي سنڌي شاعر **ڊاڪٽر ونود آسوداڻيءَ** جي غزلن جو مجموعو آهي. هن ودوان جي سڃاڻپ جي هڪ خاصيت اها آهي ته هو ڄائي ڄم کان نابين آهن. باوجود ان جي تعليمي ۽ ادبي کيتر ۾ سٺو مقام حاصل ڪيو اٿن.

ادبي کيتر ۾ کيل شيوائن لاءِ کيس اکل ڀارت سِنڌي ٻولي ۽ ساهتيه سڀاءِ جئيپور پاران 2014 ۾ راشٽريه پُرسڪار سان نوازيو ويو. 2015 ۾ سندس غزلن جي هن ڪتاب ”پُڻ-پُڻ“ کي اين.سي.پي.ايس.ايل. جو 50,000 روپيه جو راشٽريه ساهتيڪ پُرسڪار ڏنو ويو.

ٿورائتا آهيون ڀڳوان ٻاٻاڻي صاحب جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# شاعر جي واقفيت

نالو : وِنود هرديالداس آسوُداڻي

جنم : 1 جنوري 1969، ناگپور

تعليم : ايم.اي (انگلش، هِسٽري، سوشلاجي، ناگپور يوُنيورسِٽي)،
بي. ايڊ (-ناگپور يوُنيورسِٽي)،
ايم.ايس.سي . (اپلائيڊ سائڪالاجي، انامِلائي يونيورسِٽي)،
ايس.اي.ٽي. (پونا يوُنيورسِٽي)،
پي.ايڇ.ڊي (ناگپور يونيورسِٽي)،
پي.جي. ڊپلوما (انامالائي يونيورسِٽي)،
ڀاشا سناتڪ (مراٺي ۾ ڊگري- ناگپور)،
پنڊت (هندي ساهت ۾ ڊگري-پوني)،
اَئسوسئيٽ پروفيسر (انگريزي) ۽
هيڊ آف ڊپارٽمينٽ (هيومنٽيز) ناگپور

ڇپيل ڪتاب : ’ آڌوُرا آسمان‘ (هِندي غزل سنگرهه، ننڍي ڀاءُ راجيش آسوُداڻيءَ سان گڏ)
’ڇٽڪوُن- ڇٽڪوُن‘ (سِنڌي غزلن جو مجموعو)
’ باهِہ جوُن پاڙوُن‘ (سِنڌي غزلن جو مجموُعو)
’ پُرِڻ - پُرِڻ‘ (سِنڌي غزلن جو مجموُعو)
An easy approach to Social Science (Text Book for B.E. First Year)
An easy approach to English (Text Book for B.E. First Year)

سنمان : باهہ جون پاڙون ڪتاب تي ڀارتيہ ڀاشا پريشد، ڪلڪتا طرفان 2012 ۾ يُوا پرسڪار.

تعليمي ڪيتر ۾ ناگپور يونيورسٽي طرفان جدا جدا امتحانن ۾ 10 گولڊ ميڊل مليل، سنڌي غزلن جي مجموعي ”باهِہ جوُن پاڙوُن“ کي ڀارتيہ ڀاشا پريشد، ڪولڪتا پاران 2012 ۾ يُوا پُرسڪار، 2013 ۾ تعليمي سرگرمين واسطي Sunrise Peace Foundation پاران ”يوگي مَنوهر شڪشا رتن“ آوارڊ، 2014 ۾اکل ڀارت سِنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ سڀا، جئپور پاران راشٽريہ پُرسڪار سان ، 2015 ۾ ’ڀُڻ-ڀُڻ‘ ڪتاب تي اين.سي.پي.ايس.ايل. جو 50,000 روپيہ جو راشٽريہ ساهتيڪ پُرسڪار ، . 5 سيپٽيمبر 2015 تي RTM University Nagpur پاران Best Teacher Writer Award ، هِندي ساهتيہ ۾ يوگدان تي راشٽرڀاشا پرچار سمتي، وَرڌا جي ڏَهليءَ ۾ ٿِيَل Diamond Jubilee جلسي ۾ ڀارت سرڪار ۾ اُن وقت جي هوم منسٽر شري سُشيل ڪُمار شِندي سَندَس سَتڪار ڪيو.

# سُجاڻپ

ونود آسوداڻيءَ جو جنم مهاراشٽر جي ناگپور شهر ۾ ٿيو. هوُ شري هرديالداس ۽ شريمتي لڇمي آسوُداڻيءَ جو چوٿون اؤلادُ آهي. اَنَ پائرن پينرن مان ٽي پائر ۽ ٻہ پينروُن ڄائي ڄَمر کان نابِين (دِرشٽي-هِين) آهن. نابِينيءَ باوجوُد ٻالڪپڻي کان ئي پنهنجي لاجَواب قابلِيَت جو مظاهرو ڪندا رهيا آهن.

ڏهين دَرجي بورڊ جي اِمتحان ۾ 90 سيڪڙو مارڪوُن کڻي وِنود ميرِٽ لِسٽ ۾ سترهون نمبر پراپت ڪيو. اَهڙي طرح پارت جو اهڙو پهريون نابِين هُئڻ جو گوُرَو حاصل ڪيائين جنهنجو نالو ڏهين درجي جي ميرٽ لِسٽ ۾ شامل ٿيو. بورڊ جي ئي ٻارهين درجي ۾ 78 سيڪڙو مارڪوُن حاصل ڪري ڪلا شاخا جي ميرِٽ لِسٽ ۾ هن پنجون نمبر پاتو. ناگپور يوُنيِوَرسِٽيءَ جي بي. اي ۾ پڻ پَنجون نمبر حاصل ڪيائين. ساڳي يوُنيِوَرسِٽيءَ مان ايم.اي (انگريزي ساهتيہ)، ايم.اي (اِتهاس) ۽ ايم. اي (سَماج شاستر) ۾ پهريون نمبر رهي ڪري گولڊ ميڊل حاصل ڪيا. بي.ايڊ. ۾ يوُنيِوَرسِٽيءَ ۾ پنجون ۽ پُڻي وِشوَوِدياليہ جي ايس.اِي.ٽِي. ۾ سَموري مهاراشٽر ۾ پهريون نمبر حاصل ڪيائين.

ايترو ئي نَہ، هن اناملائي وِشوَوِدياليہ مان اَپلائيڊ سائڪلاجيءَ ۾ ايم. ايس سي. ۽ P.G. Diploma in Guidance and Counselling ڪري پوري مُلڪ ۾ پهريون نابِين منووگياني ٻڻجڻ جو شرف حاصل ڪيو. ناگپور يوُنيِوَرسِٽيءَ مان ونود کي انگريزي ساهتيہ ۾ پي.ايچ.ڊي يعني ڊاڪٽريٽ جي اُپاڌي حاصل ٿي آهي. ڪيس الڳ الڳ ڀاشائون سِکڻ جو شؤنق رهيو آهي. راشٽر ڀاشا سَمتي، پُڻي مان هِندي ساهِتيہ ۾ 'پنڊِت' ۽ وِدرڀ ساهتيہ سنگهہ، ناگپور مان مَراٺي ڀاشا ۾ گرئجوئيٽ جي اُپاڌي ٻِ حاصل ڪئي اَٿائين.

ڪمپيوٽر بہ سندس پَسند جو وِشيہ رهيو آهي. اِن کيتر ۾ M.Sc.(IT) اِمتحان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪري پنهنجي مهارت ڏيکاري اَٿس.

گذريل 20 سالن کان اَدب جي کيتر ۾ سرگرم آهي. هيل تائين سَندَس ڇَهَ ڪِتابَ، جن ۾ چار غزل سنگرهہ آهن، شايع ٿي چُڪا آهن :

1. **آڏوُرا آسمان** (هِندي غزل سنگرهہ، نندِني ياءُ راجيش آسوُداڻيءَ سان گڏ)
2. **ڇٽگوُن۔ ڇٽگوُن** (سِنڌي غزلن جو مجموعو)
3. **باهِہ جوُن پاڙوُن** (سِنڌي غزلن جو مجموُعو)
4. **پُڙ۔ پُڙ** (سِنڌي غزلن جو مجموُعو)
5. An easy approach to Social Science (Text Book for B.E. First Year)
6. An easy approach to English (Text Book for B.E. First Year)

اِنکان سَواءِ سِنڌي، هِندي ۽ انگريزيءَ ۾ 600 کان وڌيڪ غزل، گيِتَ ۽ ڪوِتائوُن لکيوُن اَٿائين. راشٽريہ ۽ انتر راشٽريہ سطح تي 20 کان وڌيڪ رِسرچ پيپر پيش ڪري چُڪو آهي. گُذريَل 14۔15 سالن کان اِنساني وسيِلن جي وِڪاس (Human Resources Development) جي کيتر ۾ پنهنجون شيوائوُن ڏيئي رهيو آهي. ڀارت جي جُدا ۔ جُدا شهرن ۾ H.R.D. تي 200 کان وڌيڪ ورڪشاپ ڪيا اَٿائِن.

ساماجڪ کيتر ۾ بہ ڪافي سرگرم آهي. گُذريل 20 سالن کان نابيِنن جي ڪلياڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. گهڻين ئي سنستائن سان جڙيَل آهي، جن ۾ خاص آهن –

1. ڊائريڪٽر : Institute for Transformation, Nagpur
2. سنيوجڪ : ’سِنڌو‘ ساهتيڪ ۽ سانسڪرتڪ سنستا، ناگپور
3. اَڌيڪش : ’ نوَسرِجن ‘ هندي ساهتيڪ سنستا، ناگپور
4. ڊِپٽي سيڪريٽري : سِنڌي ساهتيہ سڀا، ناگپور
5. لائيِف ميمبر : اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا، جئپور
6. لائيِف ميمبر : اِنڊيَن سائِنس ڪانگريس، ڪولڪاتا
7. لائيِف ميمبر : آل اِنڊيا سوسائٽي فار ٽيڪنيِڪل ايڊيوڪيشن، دهلي
8. راشٽريہ ڪاريڪارڻي: ”سَڪشَم “ (وِڪلانگن جي چؤطرفي وِڪاس لاءِ ميمبر سويَم سيوي سنگٺن)
9. جنرل سيڪريٽري : بلائيِنڊ گرئجوئيٽ فورم آف اِنڊيا.
10. اڌيڪش: نيشنل آرگيِنائيِزيشن فار دي اِنٽيگريشن آف دي بلائيِنڊس.

غير معمولي تعليمي، ادبي ۽ ساماجڪ ڪمن سبب سندس نالو ڪيترن ئي راشٽريہ ۽ انٽر راشٽريہ پبليِڪيشنس ۾ شامل ڪيو ويو آهي. انهن مان ڪي آهن۔

1. لِمڪا بوڪ آف رِڪارڊس (ڀارت مان شايع ٿيندڙ)
2. ”هوُ اِز هوُ آف مئِن اَئِنڊ ووِمَن آف ڊِستِنڪشن“ (ڀارت مان شايع ٿيِندڙ)
3. فائيِو ٿائوُزنڊ ليِڊرس آف د وَرلڊ (اميرڪا مان شايع ٿيِندڙ)

4. آئوٽ اِسٽينڊِنگ پيپلس آف ٽوينٽيِئٿ سينچري (ڪئمبرج، برٽين مان شايع ٿِيندڙ)
5. اِنٽرنيشنل ڊِڪشنَري آف اِنٽيليڪچوئلس (ڪئمبرج، برٽين مان شايع ٿِيندڙ)
6. ايشِيَن اَميرِيڪن هوُ اِز هوُ (پارٽ مان شايع ٿِيندڙ)
7. ايشِيَن پيسيفِڪ هوُ اِز هوُ (پارٽ مان شايع ٿِيندڙ)
8. ايشِيَن ايڊمايريبل اَچيِوَرس (پارٽ مان شايع ٿِيندڙ)
9. ڪئمبرج، برٽين پاران اِنٽرنيشنل مئن آف د مِلينِيَم پُرسڪار سان 2001 ۾ سَنمانِت.
10. ساماجِڪ ۽ سانسڪرتِڪ سنستا ’چؤڪٽ‘ پاران 2001 ۾ ناگپور رتن‘ اعزاز سان نَوازيَل.
11. سِنڌو مُڪتي سَنگَٺَن پاران ’سنڌو رتن‘ اعزاز سان پڻ نوازيل.

وِنودَ جي شخصيَت گهَڻَ ڪُنڊائي آهي. ڪيس ساهتيہ، سنگيِت، شطرنج، ڪرڪيٽ، منووِگيان، درشن شاستر، راڄنيتي، سَماج سيوا، تعليِم، نابيِنن جو ڪلياڻ، وِگيان وغيره ۾ گهِري دلچسپي آهي. هِن وَقت هوُ ناگپور جي رامديو بابا ڪاليج آف اِنجيِنيِرِنگ اَينڊ مَئنيجمينٽ ۾ مانَوَشاستر ڪاتي ۾ ائسوسِئيٽ پروفيسر ۽ هيڊ آف دي ڊپارٽمينٽ جي روُپ ۾ پنهنجوُن شيوائوُن ڏيئي رهيو آهي.

ونود آسوُداڻيءَ جي سنڌي غزلن جي مجموعي ”باهِ جوُن پاڙوُن“ کي پارتيہ ڀاشا پريشد، ڪولڪتا پاران 2012 ۾ يُوا پُرسڪار عطا ڪيو ويو. 2013 ۾ تعليمي سرگرمين واسطي ڪيس Sunrise Peace Foundation پاران ’يوگي مَنوهر شڪشا رتن‘ اَوارڊ سان سَنمانِت ڪيو ويو. ادبي کيتر ۾ ڪيل شيوائن لاءِ ڪيس اکل ڀارت سِنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ سڀا، جئپور پاران 2014 ۾ راشٽريہ پُرسڪار سان نوازيو ويو. 2015 ۾ سندس ’پُڙ-پُڙ‘ ڪتاب کي اين.سي.پي.ايس.ايل. جو 50,000 روپيہ جو

راشٽريہ ساهتيڪ پُرسڪار ڏنو ويو. 5 سيپٽيمبر 2015 تي RTM Nagpur University پاران ڊاڪٽر ونود آسوُداڻيءَ کي Best Teacher Writer Award سان نوازيو ويو.

وِنودَ جي هِندي ساهتيہ ۾ يوگدان تي راشٽرياشا پرچار سمتي، وَرڌا جي ڏَهليءَ ۾ ٿِيَل Diamond Jubilee جلسي ۾ ڀارت سرڪار ۾ اُن وقت جي هوم منسٽر شري سُشيل ڪُمار شِندي سَندَس سَتڪار ڪيو.

ونود آسوُداڻيءَ گهڻن ئي سِنڌي ڪتابن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. جن مان هيٺ ڄاڻايل ڪتاب شايع ٿي چُڪا آهن:

1. Silent Path : وينا شرنگيءَ جون سنڌي ڪوتائون
2. That One Moment : واسديو موهيءَ جون سنڌي ڪهاڻيون
3. Cheque Book and Other Stories : واسديو موهيءَ جون سنڌي ڪهاڻيون

ونود آسوُداڻي مرڪزي ساهتيہ اڪادمي، دهليءَ جي سنڌي ائڊوائزري بورڊ ۾ بطؤر ميمبر 1 جنوري 2013 کان پنجن سالن لاءِ nominated آهي. ان کان سواءِ هوُ مهاراشٽر ساهتيہ اَڪادميءَ جو پڻ ميمبر رهيو آهي.

# غزل

# 1

ڏئي هَٿُ اَگر ڪو ڇڏائي، نڀي تِي
اِئين عُمر ڀر جي سَتائي، نڀي تِي

سَزا ڪان گڏهِن ڪِئِنَ ڪِيِبايو آ مُون خطا
جي نَٿو هوُ ٻُڌائي، نڀي تي

ٻُڌو آ تہ سيسا تي حَقُ آهي سَڀَ جو جي
پَنهِنجَن ۾ تو ڪو وِرهائي، نڀي تي

سِتارا سَوين اُڀَ ۾، اَڪِ ۾ اَنڌيرو
اُجالو اَجايو وِڃائي، نڀي تي

ڪِتابن مان نالو تَہ مِٽِجي سگهي ٿو
دِليُن مان جي ڪوئي مِٽائي، نڀي تي

لَنوِيو ڪانگَ پَڪَ تي تہ اِيندو پرين اَڄُ جي
موتي، لِئو صِرفُ پائي، نڀي تي

اَنڌيرو اُجالو ٻُڌائِڻُ آ مُشڪِل
گهڙيَ ۾ وِسائي جَلائي، نڀي تي

# 2

مون ڪُجهہ ڪَيو ہِ تَہ ناهي ليڪِن، زِندَگي شِرُ تي وئي
اِئَن بي سَبَبُ مُنهِنجِي حَياتِ جي هَرَ گهڙِي شِرُ تي وئي

چَرچا ٻُڌا هُئا سادگيءَ جا جَنهِنجِي، خوُب هِتان هُتان
مون سان مِلَندي ئي اُها پِڻ چوڪري شِرُ تي وئي

دامَنَ ۾ هوُ سِجَ ڪيتِرا ئي لِڪائي وينو آهي، پَرَ
اَکڙِيُن کي بَندِ ڏِسي سموُري روشِني شِرُ تي وَئي

گُلَ گُلَ سان ناتو مُنهِنجو آهي پُراڻو پَرَ هي ڇا ٿِيو
هُن جي اَچڻ سان چَمَنَ جي تہ گلي گلي شِرُ تي وَئي

# 3

ڪپي فَقَطِ هِڪُ ڏوتي-ڪُرتو ڪيئَن وَٽان
ٿانَ سَموُرا رَکندو آ توبا توبا

وقتُ لَتو پائي آيو کَهُرو کَهُرو
لَمحو لَمحو لڳندو آ توبا توبا

ڳالهِ چوان وَڻَندَڙ اَڻ-وَڻَندَڙ فَرقُ ڪِٿي
صِرفُ پَڙاڏو ٻُجهَندو آ توبا توبا

هُنَ جو پاڪُرُ مَخمَلَ مخمَلَ جَهِڙو هو
پَرَ هاڻي هوُ مِلندو آ توبا توبا

وَرِٿو هُنَ تائِين پَهُتو لِيڙُوُن لِيڙُوُن
سَمجهَہ سَجيءَ کي هَٽَندو آ توبا توبا

خوابَ مُڪمّل جَنهِنجا آهِن راتِ سَجي
اَمرتَ ويلي اُٿندو آ توبا توبا

هَلَڻَ چَلَڻَ ۾ شِڪِل شَبيھَ ۾ سِنڌي آ
لَفظُ لَفظُ پَرَ چِوَندو آ ٽوپا ٽوپا

گهِرا گهاوَ ٻِ هورِيان هورِيان ڀَرِبا، پَرَ
روُحُ سَموُرو رَهَندو آ ٽوپا ٽوپا

خارسِ مَخمَلَ جي ڪَپِڙي سان لَهَندي ڪِئن؟
ڪَهُرو ڪَپِڙو ڪَپَندو آ ٽوپا ٽوپا

# 4

مان تہ آهِيان چَريو، مان تہ رَهَندُس چَرِيو
ڇا وِڃايو ۽ مونکي آ ڇا ڇا مِلِيو

ڳنهِن جوُن ڳنهِن جوُن مَياروُن مان ڳنهِن کي ڏِيان
وقتَ ٿورو ۽ ٿورو آ قِسمَتَ ڦُرِيو

قَطِرا قَطِرا بڻي آ حَقِيقَت سَچي
خودڪُشيءَ جو تَصَوّر بہ اِيندو رَهِيو

اُڃّ سانِڍي رَکو، پياسَ سانِڍي رَکو
جيسِين سِنڌوءَ ڪِناري، نہ گهاگهَر ڀَرِيو

# 5

سانڍِي ڪُجھُ ٻِ نَ رَکندو آهيان
سڀ ڪجھ مُنهن تي چَوَندو آهيان

هَلِڻو آ اونداهو رَستو
هَرَ شَئِ هَٿَ ۾ رَکندو آهيان

ٻارُ مُئَلُ کِڻَن واپَسِ اِيندو
روزُ گَنوَرَ کان پُڇندو آهيان

ٻانگَ کُکُڙُ جي ڏِئي اَويلي
مان ديوَن کان ڊِڄندو آهيان

گَنهِن اَڌَ پُورِي سُپني وانگُر
لِڪي اَکِيُن ۾ وِهندو آهيان

شاهَ سَچَلَ جو بيتُ پُراڻو
وَرَ وَرَ چَپَ سان چُمَندو آهيان

ٽُورا باقي مُوُن وَٽِ سُپنا
اڪثَرُيوُن کولي سُمهَندو آهيان

# 6

ٻالهِ ٻالهِ تي ڪُلي ڪِلَڻُ، ياءِ پَوي شَلَ
بارَنِ وانگُر صافُ جِئَڻُ، ياءِ پَوي شَلَ

گهَرَ آڏو گهَرُ موُن نَهِرايو آ ليڪِن
ياءُ جِيان سارُ وِهَڻُ، ياءِ پَوي شَلَ

گهَرَ ۾ مَنَ سوڙها تي ويا، اوطاقَ ڪِٿي
ڪَڏهِن ڪَڏهِن ئي مِلَڻُ جُلَڻُ، ياءِ پَوي شَلَ

ماڪُ پَري، پَنڌَ پَري جا، هَلَندو هَلُ
ويهِي ٿورو ساهُه پَٽَڻُ، ياءِ پَوي شَلَ

چَندِرُ چَئي ويو، ”لِڪَ چِپَ گڏجي راندِ ڪيوُن“
وَقتُ مَٺِيو آ، راندِ ڪَرَڻُ، ياءِ پَوي شَلَ

اوراڻا ماتا جا هاٽي ٻَائي ڪيرُ؟
گُمُ- سُمُ گُمُ- سُمُ گهاوَ لُڇَڻُ، ياءِ پَوي شَلَ

عُمرِ سَجي ڪا بِه خوشي، راسِ نَه آئي آ
دَرويشَ دُعا ڪيو مَرڻُ، ياءِ پَوي شَلَ

ساهُہ سُڪيِ وِيو اُڄَ لڳي آ، آبُ مِلي
وَرَ وَرَ ڪارا لُڙڪَ پِئَڻُ، پاءِ پوي شَلَ

# 7

وَري وَري ٿو ڪَري ساڳي ڳالھِ
چَئِي بِہ ڪِينَ چَوي ساڳي ڳالھِ

اَچي خوشيءَ سان، وَڃي پَرَ روئي
سَبَبُ بِنهي جو هُجي ساڳي ڳالھِ

رکي هَٿَن کي ڇَپَن تي هوريان
ٿو دِل ئي دِل ۾ جَپي ساڳي ڳالھِ

ڏِسي کِلونو خوشيءَ ۾ جهوُمي
کِٿان هوُ ڳولهي لَهي ساڳي ڳالھِ

اَچَن جي خوابَ نَوان ڪِٿَن سي اَچن
رَکي اَکيُن ۾ سُمهي ساڳي ڳالھِ

پَڙهي سَگهِين جي تَہ پَڙهُہ ريتِ ڪَٺا
ٿي لَهَرَ لَهَرَ لِکي ساڳي ڳالھِ

# 8

هوُ نَهيِ پو وَري تا وِڙهَنِ پارَ ۾
ڏورِ سان ڪنهِن بَدَلَ تا لَڳنِ پارَ ۾

ڪينِ ڪَڪِ تا ٿِيَنِ چوڪِرو چوڪِري
گفتگوُ پيار سان خوُبُ ڪَنِ پارَ ۾

ڪينَ سَمجهي سَگهِيا هِڪَ ٻِئي کي ڪَڏَهِن
هِڪَ ٻِروليِ نَهي تا رَهِن پارَ ۾

صُبُحَ جو هِڪَ ٻِئي کان جُدا زِندَگي
شامَ جو ٿَڪِجي موٽي مِلَن پارَ ۾

هوُ عِبادَتَ ڪَري هوُءَ پوُڄا ڪَري
اِئَن خُدا کي تا ڳوليِ لَهَن پارَ ۾

# 9

اُسّ تِکي آ، ڇانوَ ٺَـڏي آ، ڪاڏي وَڃِجي
دِل ۾ اُڻِ ٽُڙِ ٽِيَڙ لڳي آ، ڪاڏي وَڃِجي

سُپِنَنَ ۾ سانڍِيان يا آڪٽِرُن ۾ رَکان ڪيسِ
مونکي شَئِ ناياب مِلي آ ڪاڏي وَڃِجي

ڪَمِري ۾ ٻوُسَٽَ طوُفانُ اَگَڙَ ۾ آهي
اَڏِڪي مُنهِنجي ڪُلِيَل دَري آ ڪاڏي وَڃِجي

ڳنهِن ڪي وَرِٿو سونپيان ڏُڪي پِرولي آهي
عَقُلُ اَڌوُرو دِل تہ ڇَري آ ڪاڏي وَڃِجي

لِڪَ ڇِپَ ڳڏجي رانڊِ ڪَيوُن دِل چاهي وَر وَر
مان تہ ٻَڌي پر هوُءَ ڪِٿي آ ڪاڏي وَڃِجي

هُنُرُ سِبَڙَ جو ڄاڻان ڦاٽَلَ دامَنَ ڪي، پَرَ
دِلِ ۾ پَنهِنجي ڳالهِ ڇُپي آ ڪاڏي وَڃِجي

راتِ سَڄي ڪِئَن گَتِجي هاڻي ويٺي ويٺي
ڏِينهُن سَڄو مُون نِنڊَ ڪئي آ ڪاڏي وَڃِجي

پيتِ تي ڪُرتو سُڪَڙَ وِڏو آ، وَرَهيَہ لنگهي ويا
صِرفُ ڏِسو هِڪَ ٻانهَن سُڪي آ، ڪاڏي وَڃِجي

# 10

چِٽِنگ هَٿَن ۾ ڪٽي هَلي ٿو
اوُندَهِ کي اِئَن تَڙِي ڳَڊِي ٿو

اَبِلا جي عَصمَتَ تي خَطِرو
اَکِ تي چوڏا وَقتُ ٻَڏي ٿو

ڪو ذَرّو جي روشَنُ ناهي
چندُ سِجّ تي ڪاوِڙجي ٿو

پاپَ سَجا وِجهِبا گنگا ۾
سوچي سَمجهي پاپَ ڳَري ٿو

موُن وانگُر موڳو تي پَوَندو
روزُ رُبايوُن غَزَلَ پَڙهي ٿو

باهِ هَٽي خود پاڻَ وِسائي
هورِيان هورِيان عَقُلُ سِکي ٿو

ڪوُڙُ چَوان جي اُپُ هِي ڦاڻي
هَرڪو ماڻهو چَريو لَڳي ٿو

ڏِسو پُنهوُن سَسُئيءَ کي ڳولهي
شاهُ رِسالو نَئون لِکي ٿو

مُنهنجا ماروُ آهِن مَنَ ۾
عُمَرُ اَجايو زورُ ڀَري ٿو

سُپنا ويسَهَ واپَسِ وَرَندا
قارُون پائي واڻَ ڏسي ٿو

ڇيهوُن ڇيهوُن قِسمَتَ ساري
ڦُڙو ڦُڙو ٿي خوُنُ وَهي ٿو

ڪِئن بِستَر تي گهُنجَ نہ پَوَندا
روزُ تَصَوّر راتِ ٽِڪي ٿو

خوابَ ڇَپاڙي پاروُٿا هوُ
شُڪُرُ ڪيو فاقا نہ ڪَڍي ٿو

سيِسراٽَ هُنَ بِہ سَنا هوُندا
تَڏهِن تہ موُنکي دوستُ سَڏي ٿو

روزُ ڪَٽي ساڳِي آڪاٽي
هوُ تي هِڪُ ڪِردارُ پَوي ٿو

ذَهَنَ اَندَرِ ڪو ڪَڙِڪو ٿِيو آ
پُڙِ پُڙِ جو آوازُ ٻُجهي ٿو

# 11

دِلِ ڪي اُجلو رَکندو آ چِنبڙي ڦوُڪي
هَرَ ڏَڙِڳَن ڪي ڇُهندو آ چِنبڙي ڦوُڪي

سِنڌوءَ جو پاڻي ميرو نہ ٿِئي، اِن لءِ
شاهُہ سَچَلُ هوُ پَڙهَندو آ چِنبڙي ڦوُڪي

روزُ رُئڻ سان ڪي اَرمانَ وَهي نہ وَڃَنِ
هورِيان هورِيان ڇُلندو آ چِنبڙي ڦوُڪي

چادَرَ جا گهُنجَ سَجو اَفسانو چَوَندا
روزُ صُبُحَ جو اُٿندو آ چِنبڙي ڦوُڪي

ڪُرسيُن مان نيتائُن جي بوُ ايِندي آ
هوُ ڏرتيءَ تي وِهَندو آ چِنبڙي ڦوُڪي

تاريخَ گواهہ لَفظَن چا چا نہ ڪيو آ
لَفظُ لَفظُ هوُ لِکندو آ چِنبڙي ڦوُڪي

# 12

چَئِنُ اَمَنُ ۽ ڀائيچارو
گهوراروءَ جو هوڪو آهي

اِنساني مُلهَہ ڪاٽي رَکِجَن
گهَرَ ۾ خالي ڪوڪو آهي؟

نيِنڊَ مِلي جَلسي جي مونکي
مَحفِلِ ۾ ڪو موڳو آهي؟

قُران پڙهي يا هوُ گيِتا
ڪيڏو عُمدو طوطو آهي

پيارُ ڪَيوُن ۽ ڀاڪُرَ پايوُن
جيوَنُ سُهِڻو موقعو آهي

اَڪِ ۾ اوُندَهِہ هارَ نَہ سَمجهو
مُٺِ ۾ سُپنو سوگهو آهي

ساهُہ ڪٽي تو سوچي سوچي
جيِوَنُ سارو ٻوجهو آهي

# 13

خَريدي هَوائُون ۽ وِڪِڻي ڇڏي
سَڀ ڏيِنهُن ڪَمَ ۾ رُڌَلُ ٿو رهي

ڪَري ڏوهُ ڪو ڪو سَزا ٿو سَهي
عَدالَتَ جو ڪَمُ اِئن هَلِي ٿو وَڃي

ٻُڌي ڪيرُ ڏوراپا، ڪَنهِن کي ڏِيان ڪَيان
ٿوري ٻُڙِ ٻُڙِ تَہ آٿتُ اَچي

ٿِيَن قَتلَ، ڪَهِڪاءُ ڪَنهِن کي پَوي
سَڀ شَهَرُ وينو آ سَنکيو ٿَڪي

مان سِنڌوءَ ڪِناري وَڃي ٿو وِهان
ڏِسان ڪوئي پَنهِنجو مَتان اُتِ مِلي

ڏِسان ڪُنڊَ ڪائي جي مُونکي مِلي
رَهي شيامُ حاسِدُ ۽ موهي جِتي

ٻَري روشنيءَ جو ذرو مُٺِ ۾ هُوَ
سِتارن کي ڇِٻرا سَدائين ڏِئي

# 14

مَهانگا سَڀُ وَکرَ بازار ۾ آهن
گهَٽو سوچِيُم ٽَکي ۾ اَڄُ مِلي چا ٿو

گَري پُرِ پُرِ ٿو اَڏَ اَکري، نَ سَمجهي ڪو اَلائي
اَڄُ جو هيِ ماڻهوُ چَوي چا ٿو

اَنڌيرو آهي مُنهِنجي گهَرَ ۾، رَهَندو ئي
سِتارَنِ، سِڄَ ۽ جُگنوءَ جو وَجي چا ٿو

وِساريو سَڀُ، ٿِئي جيءُ جاءِ شَلَ هاڻي
اَلائي ذَهَنَ ۾ وَر وَر چُپي چا ٿو

رَکي ياري، گَئي اُلفَتَ، لَڏا سُپِنا
ڏِسان، مون جَهِڙي ماڻهوءَ کي ڦَري چا ٿو

# 15

تون ٻہ نَقُلي گُلُ هُجِين ها
هَرَ گهَڙِيءَ کِلَندو رَهِين ها

فَلسَفو سَمجهي وَڃِين ها
دِلِ جي ڌَڙڪَن جي ٻُڌِين ها

مان دَونچي ناهِيان نَہ تَہ تون
مونالِيسا جِيان سَجِين ها

شامَ جو پاڇا وَڏا ٿِيا
اُسَ ۾ بِندِرو ڀِيو لَڳِين ها

ڪُجهہ هَوائُنِ ڪَنَ ۾ ڀُڻِڪِيو
ماڻِ کي ٿورو ٻُڌِين ها

قُربَ مان هَٿُ مون وَڌايو
ڇا وَڃَئي ها، جي ڇُمين ها

آهِين واپاري، خَبَرَ آ
ڪا ڀُڙِي مون لاءِ ٻَڌِين ها

# 16

چانوَ ٿَڌي، اُسَ تِکي لَڳي ٿي
ڪِن ڪِن اُڃِ ٽُڙِ سَکي وَٽي ٿي

يادِ سَجَڻَ جي چيتِ مِثَل آ
دِلِ مان ڳنڍا کَڏي ڇَڏي ٿي

گهَرَ ۾ ڪيڏو جهَڳِڙو ٿيو آ
معامُولي ڪا ڳالهِ لَڳي ٿي

وَڻَ سان ياڪُرُ پائي بيٺو
موهيِندَڙ سُرِهاڻِ اَچي ٿي

ڇولَ سَمُنڊَ جي ڪِهِلي ويندي
مونجهارا دِلِ کَڏي رَکي ٿي

تارازيءَ ۾ توريان ڇا ڇا
هَرَ جَذبي ۾ کوٽِ لَڳي ٿي

# 17

ڪا ڳَري شئِہ ڪَٽان تہ سوُرُ ٿِئي
جي وَري ٿو رَڪان تہ سوُرُ ٿِئي

يادِ توکي ڪَيان تہ سوُرُ ٿِئي
توکي وِسري وَڃان تہ سوُرُ ٿِئي

هونءُ بہِ آٿتُ اَچي ڪِٿي ٿو اَڄُ
ٿورو گُنهِن سان مِلان تہ سوُرُ ٿِئي

هيرَ اوندَهہِ جي ڪِئن پَئي،
چا چَوان تِروِرو ڪو ڏِسان تہ سوُرُ ٿئي

ماٿِ پِرِٺِ گهاوَ ٿي گَري اوُنها
لَفظَ گَر ڪي چَوان تہ سوُرُ ٿئي

اَڪٽِريوُن ڪِين ٿيوُن هَلَنِ هاڻي
خوابَ ٿورا اُٽان تہ سوُرُ ٿئي

# 18

تون سَنوارين نَٿو خود کي ڇا لَئِہ
ڪيئن پائِيندين هي ڳپڙو ڪُتِ ڪُتِ

اَڄُ ٻِہ ساڳيو وَڳو پائي آئِي
ڇمڪندڙَ ڳپڙي ۾ ڇِهرو ڪُتِ ڪُتِ

ڪِئَن ڇَوان نيڻَ ڏِسي ڇا ڇا ڏِٺو
ٿو ڏِسان نِنڊَ ۾ سُپنو ڪُتِ ڪُتِ

سوُنهَن جو ڏوهُہ ڪِٿي آ اِن ۾
گَر هُجي اکِ جو دَريچو ڪُتِ ڪُتِ

ڏارَ اُسَ ڇانوَ ڪَرِين ٿو ڇا لاءِ
وَقتُ, قِسمَت هُئو وَرٿو ڪُتِ ڪُتِ

سَمُنڊُ سارو ڏِٺو موُن واپَس آ
پارَ کي موُن ڏِٺو قطرو ڪُتِ ڪُتِ

# 19

پاڻَ کي ٽُڏِڙا ڳَڏِڻَ تي هَٿُ هِري ويو
لُڙڪَ اَکڙِيُن جا اُگهَڻَ تي هَٿُ هِري ويو

زِندَگي پَنُ پَنُ تي ڇِڄَندي ئي رَهي ٿي
روزُ اَفسانا لِکَڻَ تي هَٿُ هِري ويو

توُن حَقيقَت، مان حَقيقَتَ پوءِ ڇا لاءِ
خوابَ ڏوُرانهان ڏِسَڻَ تي هَٿُ هِري ويو

هاڻي هِڪَ هِڪَ شَئِ ورهايُون پاڻَ ۾ ڪِئَن
تُنهِنجو مُنهِنجو بَس ڦُرَڻَ تي هَٿُ هِري ويو

آڱريُون ٽيڏيُون، سِڌيُون ڪِئَن ٿي سَگهَن ٿيون
سُپنا سَڀُ ڦاٿَلَ سِبَڻَ تي هَٿُ هِري ويو

مُٺِ پِڪوڙِي، مُٺِ ٿو کوليان، ڄَڻُ ڳَيان رانڊِ
ايِئَن آپِي ۾ رَهَڻَ تي هَٿُ هِري ويو

# 20

هِنَ کي هُنَ کي خود کي رکبو شَڪَ جي گهيري ۾
هَرَ ڳنهِنکي ڏوهاري ڄڻِبو شَڪَ جي گهيري ۾

پيارُ ڪَري ڪيڏانهُن هَليو وِيو ڳولهِيان آخِر ڪِٿَن
ڏرو ڏرو هورِيان چُمِبو شَڪَ جي گهيري ۾

ڪهِڙو سُپنو سَچُ ٿي پوَندو مُشڪِل آ سَمجهَڻُ
هَر هِڪُ سُپنو مُٺِ ۾ جهَلِبو شَڪَ جي گهيري ۾

ڪو ڳوڙهو ڪا چيخَ هِتي شايَد جيئري نِڪري
هَرَ ماڻهوءَ جو آهي مَلبو شَڪَ جي گهيري ۾

توُن ڪابعي ڪاشيءَ ۾ آهِين اَهڙي آ اُفواه
پٿَرُ پٿَرُ سِرَ سان پِجِبو شَڪَ جي گهيري ۾

# 21

پَنهِنجي دِلِ کي پاڻَ سَتائِڻُ ڏوهُه تَہ ناهي
خاموشُ رَهي لُڙِڪَ لِڪائِڻُ ڏوهُه تَہ ناهي

آنءُ اُجالو ڪونَ ڏِسي سگهَندُس، سَچُ آهي
اوُندَهِہ ۾ هِڪُ ديِپُ جَلائِڻُ ڏوهُه تَہ ناهي

مَنزِل ماڻَڻُ مُنهِنجو مَقصَدُ ناهي، ليڪِن
هوريان هوريان پيرَ وَڌائِڻُ ڏوهُه تَہ ناهي

مُنهِنجا هَٿَ بَڌَلَ رَهَن صِرفُ زَبان آزادُ آ
ڳَنهِن کي ڪوُڙِي آس بَڌائِڻُ ڏوهُه تَہ ناهي

هُنَ جو چِهرو نوُراني هوُندو، شَڪُ ناهي
پيرَ ڏِسي تَصويرَ ٺاهِڻُ ڏوهُه تَہ ناهي

قَتلُ ٿِيَنِ ڪِنَ ڪِنَ سُپنا معصوم اَکيُن ۾
اُميدُن جو جَشنُ مَلهائِڻُ ڏوهُه تَہ ناهي

# 22

لِڪَ چِپَ گـڏجي رانِدِ ڪَيُوسِن ها، ڏِينهَن ڦِري ويا
پيرو پيرو آڳَ ڏِيُوسِن ها، ڏِينهَن ڦِري ويا

اَفسانو پوُرو ڪونَ ٿيو هو، چُپ ٿي وِئين
هاڻي دِلِ جي ڳالهِ چَئُوسِن ها، ڏِينهَن ڦِري ويا

ڪيرُ پرولي آهي، ڪيرُ ڪُليلُ پُستَڪُ آ
ڪوڙو شِڪِل، مَگَر پَڇُوسِن ها، ڏِينهَن ڦِري ويا

هاڻي بَچپَنَ وارو اُتساهُ ڪِٿي باقي
سانڍي چوُڙيُوسِن پَڳَل رَکُوسِن ها، ڏِينهَن ڦِري ويا

اَڪِ ۾ ڪَڪريءَ يا ڪَنهِن خوابَ ڪَئي ٿي هُر هُر وَر وَر
مَهِٽي نيڻَ ڏِسوُسِن ها، ڏِينهَن ڦِري ويا

مان ۽ هوُ ۽ گهَرَ جا ڪُڏَ سَڀُ ساڳِيا آهِن
هِڪَ ٻِئي سان پارِ ڪَيُوسِن ها، ڏِينهَن ڦِري ويا

گهورڙوءَ جو هوڪو، گهَرَ ڪان ٻوڙي ٻاهِر
چَئِين آني جي چِيزَ وَٺُوسِن ها، ڏِينهَن ڦِري ويا

# 23

روزُ رُئَڻَ وارو رُئي نَٿو ڪُجهہ ٿيو نہ هُجي
اَڪِ ۾ ٻوڙهو پَرَ ڪِري نَٿو ڪُجهہ ٿيو نہ هُجي

هوُنئَن ٿِئي رانديڪي لاءِ روئي هيِٺو هوُ
ٻارُ ڪِلونا اَڄُ وَٺي نَٿو ڪُجهہ ٿيو نہ هُجي

اُسَ تِکي آ، تيز هَوا آ، پوءِ ڀِ اَلائي
پِتِ تي ڪَپڙو ڪو سُڪي نَٿو ڪُجهہ ٿيو نہ هُجي

گُنبَذَ ۾ موُن آوازَ ڏِنا وَر وَر ليڪن
هِڪُ ڀِ پَڙاڏو اَڄُ ٿِئي نَٿو ڪُجهہ ٿيو نہ هُجي

خوُنُ ڏِيَڻَ وارا ڪوڙَ شَهَرَ ۾ آهِن پَرَ
ڪَنهِن جو رَتُ هُن سان مِلي نَٿو ڪُجهہ ٿيو نہ هُجي

سارو جيِوَنُ ٿوُڻُ رَهيو جَلدي ٻَرَندو لاشُ
ڪو ڪانڊي تيِلي هَٽي نَٿو ڪُجهہ ٿيو نہ هُجي

# 24

خوابَ پُراڻا سبندو آهي
دِل وِندرائي رَڪندو آهي

ڊِروڻ رُڳو آڱوُٺو وَرتو
آڱر سان اُپُ چُهَندو آهي

آئِيني آڏو بيِٺو آ
مونکي ڏاڍو وَڻَندو آهي

ويسَهُ واپَس وَرَندو واٽيا !
چَوَندي چَوَندي چُلندو آهي

دِلِ جي سوڙهي سوراخَ اَندَرِ
سُپنا ويڙهي رَکندو آهي

ڪيرُ چَوي تو موڳو آهي
وَرِ وَرِ 'موڳو' پَڙهَندو آهي

ٻيِرَ ڇَڪي جاچيِندو ناهي
شَبري چَوَندو وَٽَندو آهي

# 25

پونءِ جي بدلي آسمان مِلي
پيارَ جي موٽَ پيار سان ڪاٽي

هوُ رُڳو سوچَ ۾ رُڌَلُ ٿو رهي
وِلوِلا ذَهَن جا رَڪان ڪاٽي

باقي ڪوري زَمِينَ ڪا ناهي
اَمَن جا اَنسَنا ٻَڌان ڪاٽي

هوُ ٻِ مُنهِنجو اَڌوُرو سُپنو آ
مان ٿَڪَلُ آهيان نِندَ ڳيان ڪاٽي

مُشڪَ مُنهَن تي اَچي وَجي اَزخود سِنڌي
پُٽِڪو جي ڪو ٻُڌان ڪاٽي

# 26

هَر حَقيقَت گلي لڳائي آ
جِندُ سُپنَنَ کان اِئن ڇڏائي آ

تاندا تاندا اَندَرُ سَڄو آهي
ڇِڻنگ هَر شامَ ڪا وِسائي آ

تُنهِنجو نالو ٻُڌي خوشي تي ٿِئي
دِلِ جيِ ڳنهِن ڪُنڊَ ۾ سَٽائي آ

توکي چاهيُن ٿا، توکي چاهيُن ٿا
ڏاڍي وَڻَندَڙَ اِها صَفائي آ

مُون پُراڻو ڪَپَڙُ ڏِنو کولي
ڪُجهہُ اُداسي اُتي ٻِہ ڇائي آ

پيِتِ تي وِيَتَلُ پَکي اُڏامي وَيو
چيِزَ هَرَ مُون اِئين وِڃائي آ

هوُ لِکي لَفظُ لَفظُ اَڌ ـ اَکري
مُون ٻِہ وَرَ وَرَ چِني پَڙهائي آ

اَڪِ جو ڦَهِلاءُ جي ڏِسِين هُن جو
ساري دُنِيا اُتي سَمائي آ

وَقتَ جو قرضُ ڪِئَن رَهيو باقي
مُون چُڪائي تَہ پائي پائي آ

هو اَڏوُرو سَبَقُ مُحبّتَ جو
بيل بي- وَقتِ ڳَنهِن وَڃائي آ

# 27

مَهِلَ بي مَهِلِ زِندَگي گُڙ مُڙ
ڪيئَن سَنواريان گهَڙي گهَڙي گُڙ مُڙ

راتِ خوابَن خُماريءَ ۾ گهارِي
سَچّ چادَرَ صُبُحَ ڏِني گُڙ مُڙ

هُن جو چِهرو بِہ ڏارَ ڏارَ هُئو
مُون ڏِني راتِ چاندِني گُڙ مُڙ

موڪِلِي هُنَ گهٽيءَ مُحبّتَ مان
پَرَ مِلي مُونکي سوُڪڙي گُڙ مُڙ

روزُ ڪپڙا نَوان نَوان تي وَني
پائي لوئي، خوشي چَري گُڙ مُڙ

ريلَ ۾، بَس ۾، ڪارِ ۾، گهَرَ ۾
تِي رَهي آ، ڪا نينگِري گُڙ مُڙ

# 28

ذرا چَندَ سان نيڻَ مِلائي، موتي آيا
اُپَ تي پَنهِنجا پيرَ گهُمائي، موتي آيا

سُپنَن سان نيبَهُه ٽِيندو ڪيسِيتائِين، چَئُه
لُڙِڪَ اَکيُن کان پارُ چَڏائي، موتي آيا

هيءُ ٽِيندو، هوُ پِڙِ ٽِيندو سوچيو هُنُ چا چا!
ماٿِ رَهي هوُ پوُرَ پَچائي، موتي آيا

بَرپَٽَ ۾ تَرَندَڙَ بادَلَ کي ڳولهَڻَ وارا
لُڙڳن سان ڏِسُ پارُ پُسائي، موتي آيا

اُميدُنِ تي هَلَندا ها، تِن جا حالُ نَہ پُڇُ
اُميدُنِ جا پَنکَ ڳپائي، موتي آيا

پياسَ اَندَرَ جي آخِر بُجهَندي ڪِئَن، چَئُہ بادل!
بَرپَٽَ ۾ هِڪَ بوُندِ وَسائي، موتي آيا

# 29

روزُ دِلِ ذَهَنَ جي ٽِئي ڪِتِ پِتِ
مَهِلَ بي مَهِلَ ٿي هَلي ڪِتِ پِتِ

سانتِ ڏيجاري ٿي چَڏي دِلِ کي
ڪا نَہ ڪا دِلِ کي پِرِڻ ڪَپي ڪِتِ پِتِ

ڪيسِ ڪو ٻيو نَٿو سَتائي ڳَڏهِن
پاڻَ ئي پاڻَ سان ڳري ڪِتِ پِتِ

ياءُ يَلِ ياءُ سان نَهي نَہ نَهي
ياءُ سان ياءُ جيان رَهي ڪِتِ پِتِ

دِلرُبا! توُن ئي دِلرُبا آهِين
توسان اُلفَتَ يَري هُجي ڪِتِ پِتِ

توُن هَلي آ ڳَڏهِن رُڳو مون لءِ
ساڻُ توسان نَہ ڪا اَچي ڪِتِ پِتِ

زِندَگيءَ تائِين، زِندَگي ڪِتِ پِتِ
موُتَ ڪان پوءِ شَلَ ڇُتي ڪِتِ پِتِ

# 30

هِڪُ هِڪُ تي ڏِسُ، اَرمانَ ٿِيا هيٺِ مَٿي
اِئن دِلِ جا سَپُ مَهِمانَ ٿِيا هيٺِ مَٿي

ڪنهِنجي آوازُ ڏِيَڻَ سان مَڙهَه جاڳي پيا
ڏِسَندي ڏِسَندي شَمشانَ ٿِيا هيٺِ مَٿي

اَڪڙيُن مان ٿوريُون بوُندوُن ڳَڙيوُن ڳِلَنِ تي
۽ پو دِلِ جا ويِرانَ ٿِيا هيٺِ مَٿي

جادوُ هو اَمان جي صَندوُقَ اَندَرِ ڪو
پو گهَرَ جا سَپُ سامانَ ٿِيا هيٺِ مَٿي

آهَه ٻُڌي اَبهَمَ جي موُٽُ ٻِه روئڻَ لَڳو
ڇو نَه سَموُرا ڀڳوانَ ٿِيا هيٺِ مَٿي

# 31

دِلِ ۾ توري آگِ لَڳائي پاپُ ڪيو
دِلِ جي ٻَرندڙ باهِ وِسائي پاپُ ڪيو

هَلَڻُ عَقُلَ سان عُمرِ سَڄي سؤلو ناهي
يارَ مَگر مُون عَقُلُ وِڃائي پاپُ ڪيو

بَندِ ڪَري اَکِ، مَنَ ۾ توکي ماڻيو پِي
کولي اَکڙيُون نَظرَ مِلائي پاپُ ڪيو

خوابَن سان نيڀَهُ ڪَرَڻُ ڪَٺِن آهي، پَرَ
سُپنَن کان مُون پاڻُ ڇَڏائي پاپُ ڪيو

اَڌَ پوُرو اَفسانو مَنُ موهيِندڙُ هو
ناحَقُ مُون اَنجامُ ٻُڌائي پاپُ ڪيو

مَلَمَ لَڳي پِي ڪاري، سَمجهَڻُ واجِبُ هو
زَخمَن تي اِئن لوُڻُ لَڳائي پاپُ ڪيو

اَڪِ سِري پري سُپنَنِ کي جاءِ ڏِني
لُڙِڪَن کي بي وَجَهَ سَتائي پاپُ ڳيو

بَرپت سَمجهَڻَ لاءِ بَرپَٿُ بڻِجي پَئُ
بادَلُ بڻِجي مينِهُن وَسائي پاپُ ڳيو

بابا هِڪُ ڳِرَهُ ڳِڏي پِٽِ تي رَکَندو هو
اَڄُ مون پِٽِ تان ڪانءَ اُڏائي پاپُ ڳيو

پَٿَر آخِرِ پَٿَر، تِن ۾ چا جي دِلِ
پَٿَر آڏو سيِسُ نِوائي پاپُ ڳيو

دِلِ جي نَہ ٻُڌي مون، دِلِ سان آ ڊوهُ ڳيو
جوڳي بڻِجي پارُڻ پَچائي پاپُ ڳيو

# 32

ڀَنهِنجا ڀَنهِنجَن ساڻُ وِڙهيا پيا، مان ڀِ اُتي هوس
هِڪَ ئي وَڻَ جا پَنَ ڇَڻيا پيا، مان ڀِ اُتي هوس

سُپنا تي ويا واري واري، دِلِ تي بَرپَٽ
واچوُڙا طوُفانَ هَليا پيا، مان ڀِ اُتي هُئس

ڪو ڪارَڻُ غَمَ جو، ڪا لَهَرَ خوشيءَ جي نَہ هُئي
مَستيءَ ۾ سَڀُ مَستَ نَچيا پيا، مان ڀِ اُتي هُئس

پَلڪُن جي سَرحَدَ تي سُپنَن جو قَتَلُ ٿِيو
ٻارَن نِندَ ۾ چِرڪَ ڀَريا پيا، مان ڀِ اُتي هُئس

ڇَهري جي گهُنجَ ـ گهُنجَ ۾ هِڪُ اَفسانو هو
هوريان هوريان رازَ کُليا پيا، مان ڀِ اُتي هُئس

مَلَم ڏئي چاراگرُ غائبُ! واجِبُ ناهي
رَکي رَکي سَڀُ گهاوَ کُريا پيا، مان ڀِ اُتي هُئس

ڪرشن، موسيٰ، عيسيٰ، نانڪُ بي- ٻي آني
ڇڙاهي تي جامَ مِليا پي، مان ٻِ اُتي هُئس

ڪي جيتي، ڪي هارائي جَنگِ مان موٽيا هُئا
سيني پَنهِنجا گهاوَ سِبيا پي، مان ٻِ اُتي هُئس

نِينگرِ جي چيخ ٻُڌي پو سَناٽو ٿي ويو
رَڪي رَڪي بَس نيڻَ ڇُليا پي، مان ٻِ اُتي هُئس

# 33

توکي مُنهِنجو موُنکي تُنهِنجو ڏِيَڻُ کَپي
تَنِها تَنِها جيِئَڻُ سَجو نَہ رُئَڻُ کَپي

وَڻَ وانگُر بيِٺي بيِٺي وَرهِيَہ لَنگهي ويا
هوريان هوريان وِکَ وَڌائي هَلَڻُ کَپي

رَنگَ گَڊا ڏِيا هَرَ جذبي جا، جيِئَڻَ ۾
لُڙڪَن جو چَشمو چاڙهي پَرَ ڏِسَڻُ کَپي

ويڙهِہ وِڙهي، خوُنَ خَرابا خوُبُ ڪَيا، هاڻِ
سَرحَدَ تي بيٺُ پِٽائيءَ جو هُئَڻُ کَپي

اوُندَهِہ ۾ خوابَ ڏِسَڻَ ۾ سَهوُليَتَ ڏِيندي
سِجَ جو نَنڊڙو ڪِرڻو اَکِ ۾ رَکَڻُ کَپي

سوچي سَمجهي ڪيسيِتائِين هَلَندين توُن
ڳَڏِهِن۔ ڳَڏِهِن ڀَل، دِلِ جي ڳالهِہ ٻِہ ٻُڌَڻُ کَپي

رَڙِ ۾ واڪا فِطرَتَ تُنهِنجي آهي، پَرَ
بَرپَٽَ جيان سَناٽو ٿي پِڙ هَلَڻُ ڪَپي

پَنهِنجائِپَ اَجان لُڙڪَن ۾ ساڳي هوُندي
سَرحَدَ پار وَڃي ڪو ڳوڙهو ڇَڪڻُ ڪَپي

# 34

مؤت سان ويڙهِه جي ڳالهِه ڪا ٻي هُئي
بيوَفا زِندَگي! ڳالهه ڪا ٻي هُئي

سِجُ نِڪتو هُئو، چَنڊُ نِڪتو هُئو
چانِوري روشِني ڳالهِه ڪا ٻي هُئي

قَوُلَ هِن ڪي مِليا، قَوُلَ هُن ڪي مِليا
صِرفُ مونکي ڳلي، ڳالهه ڪا ٻي هُئي

سوُنهَن هُن جي الا! مُرڪَ هُن جي آلا!
چُلبُلي ڇوڪِري ڳالهِه ڪا ٻي هُئي

مُرڪَ جو، لُڙڪَ جو، ساهَ جو، هِڪُ سَڳو
ڪيئَن پيو جهَٽِ ڇِڄي ڳالهه ڪا ٻي هُئي

# 35

روزُ جيئَڻِ ٿا روزُ مَرَڻِ ٿا
ماڻهوُ موهِرن جِيان لَڳَنِ ٿا

هُن جا سُپنا سانجهيءَ ٽاڻي
روزُ نئين ڪا ڳالهِ ڪَڍَن ٿا

توُن تَہ اَڪيوُن ڪولي سُمهَندو ڪَرِ
راتِ سَڄي سُپنا پِٽڪَنِ ٿا

اَوَل خُدايا خيرُ ڪَري، هوُ
خوابَ ڪٽي گهَرَ مان نِڪرَنِ ٿا

ڪاچ پَڳا ها، عرصو ٻهريان
پَرَ اَڄُ تائين روزُ چُڀَنِ ٿا

اَڪِ ۾ پَٽري يا هُن جي يادِ
هِڪُ ئي سَچُ آ، لُڙِڪَ ڳَڙَنِ ٿا

چائُنتِ تي ويٺي وَرهِيَہ ٿيا
دَروازا تَہ ٻِ ڪونَ کُلِنِ ٿا

آخِر اوُندَهِہ ۾ هَلِڻو آ
ديپَ اَجايو روزُ ٻَرنِ ٿا

سَرحَدَ تي گوليءَ جو آوازُ
شيخُ، شيامُ ڏِسُ ٻَئي رُئَنِ ٿا

شاهُہ اَمان ڪِئن پئدا ٿِيندو
جادوُ جوڳي ڪونَ هَڻَن ٿا

# 36

هِنَ دِلِ جي توسان ڳالهه ڪبي، بئي ڪَنهِن ڏِينهُن
اَگر ڪَڏهِن تَنها ڪُنڊَ مِلي، بئي ڪَنهِن ڏِينهُن

اَڄُ تہ پُراڻَن زَخمَن جو ذڪرُ ڪَرَڻُ ڏي
پَڪَ توکان وَٺبي مَلَم ڏري، بئي ڪَنهِن ڏِينهُن

قَرضُ اِلاهي دَردَن جو آهي مُون تي
توسان وَندِبي ڪا نَقَدِ خوشي، بئي ڪَنهِن ڏِينهُن

اَڄُ ڪا سُهڻي ساعِتَ مُون سان گهارِ ڪٽي
آتَتُ، ’تو لاءِ آ عُمِر سَجي‘ بئي ڪَنهِن ڏِينهُن

اُسَ مَٿي تي پيرَنِ ۾ آ ريتِ تَتَلَ
ڳولهي لَهَنداسِين ڇانوَ ٿَڌي، بئي ڪَنهِن ڏِينهُن

اَڄُ تہ پِرولي ڪا ڏُکي پَڃَئُون، ڪُجهہ سوچيُون
هَٿُ هَٿَ ۾، ياڪُرُ، مُرڪَ، چُمي، بئي ڪَنهِن ڏِينهُن

# 37

گيِتُ پيارَ جو ڪِئن ڳايان، ڪَنگهِ اَچي ٿي
سُرَ ۾ سُرُ ڪيئن مِلايان، ڪَنگهِ اَچي ٿي

ڳوڙهَن جو قَرضُ اِلاهي آهي مُون تي
روئي يا مُشڪي لاهِيان ڪَنگهِ اَچي ٿي

قَدَمَ قَدَمَ تي ٽاندا آهِن ماضيءَ جا
ڦوڪَ ڏَئي حالُ ٻُڌايان، ڪَنگهِ اَچي ٿي

عَڪسَ اِلاهي ذَهَنَ اَندَرِ سانديِلَ آهِن
يادِ ڪَري جَنهِن کي ساريان، ڪَنگهِ اَچي ٿي

ڪِرشنُ مُوسيٰ، عيسيٰ، نانِڪُ ۽ تُون مان
ڪَنهِن کي ڏوهي ٺهرايان، ڪَنگهِ اَچي ٿي

خوابَ ٽُٽَل ڇيهُون ڇيهُون دِلِ، گُذَرُ ڪَبو
ڪَنهِن آڏو هَٿُ ڦَهِلايان، ڪَنگهِ اَچي ٿي

ڪونَ نِپائي ڪو ٻِ سَگهان ڪِردارُ ڪَڏهِن
پوُٽُ نَهي جي ديچاريان، ڪَنگهِ اَچي ٿي

# 38

اَڪِ ڪوليان يا اَڪِ ٻوُٽيان مان
اَڪِ ۾ ڦٽري، چُڀَن تہ ٿيِندي

شامَ سَجي بَسِ هُنَ جوُن ڳالهيوُن
راتِ اَچڻَ تي گهُٽَن تہ ٿيِندي

باهِ ٻري يَلِ هُن جي دِلِ ۾
هِنَ دِلِ ۾ پڻِ جَلَن تہ ٿيِندي

مُنهُن کو پَنهِنجو اَگر مَٿي تو
پيشانيءَ تي شِڪَن تہ ٿيِندي

جي موُن جَهِڙو ڪِرشِنُ هوُندو
ميِرا جِيان هوءَ مَگَن تہ ٿيِندي

يادِ هُجي يا مَڙهُه ماڻهوءَ جو
هوريان هوريان سَڙَن تہ ٿيِندي

چَنچَل چَڳَ کي ڪيرِ ڳِلَن تي
مَدهوشُ ذرا پَوَن تہ ٿيِندي

# 39

پاءِ+ ڳَڏِهِن تہ ڳَڏِهِن ڀاڄِي ڳَهَٽِ
گهَرَ جو هر ڀاتي راضي ڳَهَٽِ

ڪِٽِ پِٽِ ڪِٽِ پِٽِ زالَ مُڙسَ ۾
سُکَ سان گُذري ٿي شادي ڳَهَٽِ

ناراض رَهي ٿو هَرُ چِهرو
مُشڪَ ڏِيَڻَ جو آ عادي ڳَهَٽِ

حالَ ڏِسو بي حالُ ڪيو آ
يادِ ڪبو پَنهِنجو ماضي ڳَهَٽِ

موبائل تي هاءِ باءِ ڪَن
پَنهِنجا پائِن پِڻ ڀاڪي ڳَهَٽِ

پَڄَندو پُرندو هَرڪو جَذبو
تاتِ اِهائي ٿِئي بَربادي ڳَهَٽِ

ماءُ تہ بابا! ماءُ ئي آهي
ساهُہ ڇِڏِيندي آ ماسي ڳَهَٽِ

سِنڌِي پَنهِنجو آخِر پَنهِنجو
پَنهِنجو آهي مَدراسي گهَٽِ

شايَد مُنهِنجو ڪمُ نَہ ٿئي هِتِ
مُون وَٽِ آهي ڪُجهُ راشي گهَٽِ

+ پاءُ- ياڄي

# 40

ڪا نہ ڪا روزُ تي هُجي پيج ڊاهہ
ذَهَنَ، دِلِ، خوابَ جي ٽِٽي پيج ڊاهہ

مان سَموُرو ڪِٽي وَڃان ڪيئن چَئو!
ساڻُ موُن سان تي هيءَ رَهي پيج ڊاهہ

روزُ هوُ پِڻ بيو بيو تو لَڳي
سيني کي ڊاهي تي چَڏي پيج ڊاهہ

موُن تہ اِحساسَ سَڀُ وِساري ڇڏِيا
پوءِ اَندَرِ چو پَئي هَلي پيج ڊاهہ

ڇِهِري، چَپ، ڪَنَن، نِرڙُ اَکيُن نَڪَ ۾،
عُضوي عُضوي ۾ لِڪَلَ مِلي پيج ڊاهہ

يادِ، ديِدارُ ءِ ڇُهاءُ پرينِ
چيِزَ هَرڪا وَجي ڦري پيج ڊاهہ

جي مُڪَمَل ٿِئي ڪَڏهِن ڪو ڪَمُ
ويِنِي ويِنِي وَري سُجهي پيج ڊاهہ

# 41

جَڳُ سَموُرو وَڃي مِلي، نَہ ڪَپي
توڪا دوُري اَلا سَڪي، نَہ ڪَپي

مؤتُ سُهڻا ڪي رازَ کوليِندو
اِينگهَہ واري هيءَ زِندَگي نَہ ڪَپي

روُحَ ۾ سوُنهَن ئي سَمايَل آ
چِمڪَندَڙُ چِهِرو روشني نَہ ڪَپي

خوشبوُ آهي خيال ۾ هُن جي
باغ مان ڪوئي گُلُ، ڳلي نَہ ڪَپي

سادگيءَ هُن جي آ لُڀايو مَنُ
سُرڳ جي اَپسَرا پَري نَہ ڪَپي

ساٿُ تُنهِنجو، ها ساٿُ تُنهِنجو بَس
مُڪتي نِرواڻُ ڇِڏِ ڇَري نَہ ڪَپي

ڏي تَہ دِلِ کولي نيِنهُن ڏي دِلبَرَ
قَطِرو قَطِرو ڏَري ڏَري نَہ ڪَپي

# 42

خاموش رهي خوبُ سهَن ٿا
وَڻَ ويچارا ڪونَ ڪُڇَن ٿا

چانوَ اُسَ ۽ برساتيُن ۾
پَنَ پَنَ جي هوُ سارَ لَهَن ٿا

اُڻ ٽُڻ مَنَ جي ماري وِجهَندَئِہ
اَڪرَ وَڏَن جا يادِ اَچَن ٿا

گَنهِنڪي گَنهِنڪي ڏوهُه ڏِبو مَنَ
پاڻَ مُرادو لُڙِڪَ لَڙَن ٿا

ڳالهِ ڳالهِ تي رِشتا اُڊِڙَن
ڪَچي سَڳي سان سِبيَلَ لَڳَن ٿا

سَڀُ ڪُجهُه هُن ڪي ڪِئن ٻُڌائبو
دِلِ ۾ ڪي اَرمانَ رَهَن ٿا

سمُنڊُ اَندَرَ جو ڪونَ سُڪي ٿو
شامَ صُبُحَ هيءُ نيڻَ ڇُلَن ٿا

ڪانوَ جهِرڪَ لءِ پِٽِ تي، ماڻهوُ ڪونَ
گَڏهِن ڪو گِرهُه رَکن ٿا

# 43

ٻالهِ ٻالهِ تي مؤن ڪِلَڻُ رُئَڻُ ڇَڏي ڏِنو
هاڻي دِلِ جو آوازُ ٻُڌَڻُ ڇَڏي ڏِنو

روحَ جِسمَ سَيني جا ساٿيا آهِن هِتِ
ماڻهوُ ماڻهوءَ ۾ فرقُ ڪَرَڻُ ڇَڏي ڏِنو

دَرُ کَڙڪايان شايَدِ اَڄُ هوُ کوليندو
گُم-سُم چائنتِ تي روزُ وِهَڻُ ڇَڏي ڏِنو

سَمجهان اُپواسُ ٻُڪئي پيٽ رَهان جَنهِن ڏِينهُن سوُمَرُ،
مَنگل، ڇَنڇَرُ، وِرتُ رَکڻُ ڇَڏي ڏِنو

بيب-چئني هيءَ بي-چئني ساٿي آ
راتِ راتِ جو ويهي سوچَڻُ ڇَڏي ڏِنو

مايوُسيءَ سان هاڻي پَنهِنجي ياري آ
زورُ ڪَري مَحفِلِ ۾ مُرڪَڻُ ڇَڏي ڏِنو

ڪا لُڙڪَن جي چادَرَ مِلَندي مونکي پڻِ
سوچي، خوابَن جو ڪَفَنُ اُڻَڻُ ڇَڏي ڏِنو

ٻولي رَهِندِي رَهِندِي، لَفظَ مَرَن پيا ٿا
لالَڻَ سائينءَ جو رَحم ڪَرَڻُ ڇَڏي ڏِنو

سِنڌوءَ جو پاڻي جو ميرو ميرو آ
شاهَ سَچَلَ کي چا اَوهان پَڙهَڻُ ڇَڏي ڏِنو

# 44

جهيڻي ئي روشني گهَٽي آهي
ٿورڙي زِندَگي گهَٽي آهي

چَندَ سِجَ کي ڏِيوُن چو ڏوراپا
چانوَري چاندني گهَٽي آهي

سوُنهَن جا موُن معيارَ پڙِ پَرکيا
تُنهِنجي هيءَ سادگي گهَٽي آهي

دُنيا دؤلَتَ اَوهان کَٽو، موُن لءِ
پيارَ جي سوُکڙي گهَٽي آهي

روُسُ، يوُروپُ، چيِنُ ڪونَ کَپَن
سِنڌُ، سِنڌوُ نَدي گهَٽي آهي

دوستيءَ ۾ بِ ڪيترا ماٽا
هِڪڙي ئي ساهِڙي گهَٽي آهي

# 45

پڄڙنِ جي ٻاڪِ نہ آ ڪمرنِ ۾ پڻ ساھُ مُنجهي
ڪِٽي وڃي ساھُ ڪٽان اَڱڻَن ۾ پڻ ساھُ مُنجهي

دِلِ جو سناٽو ڊيڄاريندڙ ٿِيندو آهي
اَگر غزل، نَظم پڙهان، لفظن ۾ پڻ ساھُ مُنجهي

اَکِ کوليان ڏارُون- ڏارُون ڇيهُون- ڇيهُون سَڀُ ڪُجهُ
اَکِ بُوٽيان ڇِپَن ٿِئي، سُپنن ۾ پڻ ساھُ مُنجهي

بي ڇئني، هِن بي ڇئنيءَ کي ڪَهِڙو ڏوهُ ڏِجي
وَقتُ ڪَڍي ٿَڌِڙا، ٿَڌِڙَن ۾ پڻ ساھُ مُنجهي

گِرجا گهَرُ دوُنهون- دوُنهون، مَندَرُ مَسجِد دوُنهون- دوُنهون
بَرپَٽ، جهَنگلَ، پَربَت، پٿَرَن ۾ پڻ ساھُ مُنجهي

تَنها ڪا ڪُندَ مِلي جِتِ ويهي ساهي پٽِجي
جي اُڏران اُيَ ۾، ڪَڪَرن ۾ پڻ ساھُ مُنجهي

دُنيا ڪورو سُپنو ڪِٿَن مَجان اِهو سَچُ آهي
شرڏالُن جي وَڃَ ۾ سِمرَنَ ۾ پڻ ساھُ مُنجهي

# 46

ڳالهِ هَر دِلِ وَٽان هُجي گهَٽِ وَڌِ
راتِ جو ننِنڊَ پڻ اَچي گهَٽِ وَڌِ

روڳُ لَهَندو ڀلا ٻُڌايو ڪِئَن
هوُ دَوا ۽ دُعا وَٺي گهَٽِ وَڌِ

پاٺُ پوُڄا گيان عِبادَتَ پڻ
سَچُ تہ اَڄُڪلهَہ خُدا ٻُڌي گهَٽِ وَڌِ

ڳالهِ ڪا سَمجهَہ ۾ اَچي، نہ اَچيس
هاڻي وَرجائي هوُ پُڇي گهَٽِ وَڌِ

آهي آلاڻِ اَڪِ ۾ عرصي کان
پوٽيءَ جي ڪُنڊَ سان اُگهي گهَٽِ وَڌِ

# 47

هَر ڪِٿي آ ڦِڪي روشني ڇا ڪجي
بي وَفا تو جِيان هَرَ ڳلي ڇا ڪجي

ڦُربُ ڪاڏي وِيو ڪيرُ ڳنهِن ڪان پُڇي
ٿي رَکي وِرت ۽ ٿيِجڙي ڇا ڪجي

توُن چَوِين تو بَدِلجي وِيُس مان، مَگر
سوچَ جي آ مَٿي تي پَري ڇا ڪجي

دَرُ دَري، پِتِ پَجائي ڇَڏي موُن، مَگر
آ سَندَس اَڏُ ڪُليَلَ هِڪَ دَري ڇا ڪجي

خوابَ سانجها نہ آنسون ئي سانجها رَهيا
ڇَڏُ پِرِين، هارِ تو سان مِلي ڇا ڪجي

بي عَقُلُ آنءُ تو ڪونَ سَمجهي سَگهان
سَمجهَہ تُنهِنجي ذرا مَٿَ پَري ڇا ڪجي

هَٿُ جهَلي پاڙَ ڏانهُن ٽي ڇِڪي رات ڏِينهن
دوستُ آهي اُداسي ڇَري ڇا ڳجي

آ غزَلُ، گيتُ آ، نَظمَ آ، هوءَ سَڀُ
ڪينَ سَمجهي سَگهي ڇوڪِري ڇا ڳجي

بي وَسي، بي ڳسي ۽ ڳڏهِن بي خودي
اِئن ئي گُذري وَئي زِندگي، ڇا ڳجي

# 48

چاهَ گَهِڙي گَيان عُمِر هِنَ ۾
وِرتَ گَهِڙا رَکان عُمِر هِنَ ۾

واري واري ٻٽيا خوابَ سارا
ڏوهہ گنهِن کي ڏِيان عُمِر هِنَ ۾

دوستي، دُشمَني، پيارُ، نَفرَتَ
ڪِينَ سَمجهي سَگهان عُمِر هِنَ ۾

شاهہ، سامي، سَچَلُ، ساڌُ ٻيلو
سِندُ تو لءِ سِکان عُمِر هِنَ ۾

عَڪسُ هُنَ جو اَکِيُن ۾ اَجان آ
جهيِڙو جهيِڙو ڏِسان عُمِر هِنَ ۾

پيارُ هوُ، سارُ هوُ، ساهہ هوُ آ
بي خوديءَ ۾ چَوان عُمِر هِنَ ۾

باهِه طوُفان توڪان جُدائي
آنءُ ڇا ڇا سَهان عُمِر هِنَ ۾

نيڻَ ۾ خوابَ ۾ سوچَ ۾ هوُ
نانءُ ڇا لءِ ڪَٽان عُمِر هِنَ ۾

سارَ دِلبَرَ لَهان ڪِئَن مان ڳنهِنجي
ڪونَ ڪٿَ تان اُٿان عُمِر هِنَ ۾

لُڙِڪَ لَرزي پَوَن جيڪڏهِن خَطُ
ڪو پُراڻو پَڙهان عُمِر هِن ۾

راندِ لِڪَ ڇَپَ ڳيوُن جي هُجين توُن
مان اَڪيلو لِڪان عُمِر هِنَ ۾؟

# 49

راھَہ ساڳي وَٺي تون هَلَڻُ، ڇَڏِ ڪٽي
ماڳ جو تون تَصَوُر ڪَرَڻُ، ڇَڏِ ڪٽي

زندَگي، زندگي آ، رُڳو زِندَگي
ايِئَن پَل پَل اَجايو مَرَڻُ، ڇَڏِ ڪٽي

ڪيترو وَقتَ کي تون سُجاڻي اَجان
بيوَفا نؤدَ کان ڪُجھہ گهُرَڻُ، ڇَڏِ ڪٽي

وَقتَ جو ڏِسُ سَڳو هَٿُ ڇَڏائي ويو
گهاوَ پَنهِنجا سُئيءَ سان سِبَڻُ، ڇَڏِ ڪٽي

خواب، حسرت، تمنا، تَصَوُر، هُجي
سِڪُ سَبَقُ، آسَ ڪَنهِن مان رَکَڻُ، ڇَڏِ ڪٽي

دِل هُجي يا هُجي ذَهَنَ جو وِلوِلو
اوٿَ ڪَنهِنجي مَگر تون وَٺَڻُ، ڇَڏِ ڪٽي

# 50

جيئَنُ سارو آ بي معنيٰ آسَ بِنان
اَمرتَ جو پڻ مُلهُه ڪهڙو آ پياس بنان

پيارُ هُجي، قُربُ هُجي يا ڪائي دُعا چو نَہ
اَڻ پوُرو سَڀُ ڪُجهُہ رَهَندو وِشواسَ بِنان

بوجهُہ مَٿي تي ماضيءَ جو ڪيسيتائين
پَلَ جو مُلهُه ماڻَڻُ سِکجي اِتهاسَ بنان

او سُهڻي! جي توُن مِلي وَڃي ڪِنُ ڀِرِ پڻ
جيئَنَ جو جَڻُ سَرمايو اَرداسَ بنان

ڌرتيءَ جي ٺُڪَرن جو مُلهُه ڪهڙو آکيوُن
هَر مُلڪُ اَڌوُرو رَهَندو آڪاسَ بنان

هَرَ مَحفِل ۾ لَفظن جا ڍيرَ لَڳن ٿا
ماهِرَ جي ماهِرَ ٻَڌِجَن بَڪواسَ بنان

روشن چهرو، مڪمل تنُ، مُرڪَ مِٺي، سَڀُ
ڪونہ وَڻي ٿو ڪُجهُہ اوُنهي اَحساسَ بِنان

رامُ سِيا پڙ رامُ سِيا ڪونَ لَڳن تا
رامايَڻُ واچي ڏِسجي راڪاسَ بنان

سُرڳَ وَڃڻ جي مَنَ ۾ حَسِرَتَ ناهي ڪا
چو سوچيوُن، ڪُجهُ هوُندو، هَڏَ ۽ ماسَ بنان